Name: 27301- Samer 325.




## Part II

## سوال ٣ سنڌي ناول

### تعارف

ناول انگريزي جو لفظ آهي جنهن جي معنیٰ آهي ڪا نئين شيءِ. ناول انگريزي ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو ڇو ته يورپ ۾ مشهور ناولن جي ڪري ان جي سماج ۾ وڏي تبديلي آئي اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ناول جي شروعات به انگريزن جي دور کان ٿي- ان دور ۾ وڏن اديبن ۽ عالمن جهڙوڪ مرزا قليچ بيگ سنڌي ناول لکڻ شروع ڪيا. پهريان ناول انگريزي ناولن تان ترجمو ڪيا ويا. بعد ۾ اصلوڪي ناول لکڻ جو بنياد پيو. جن ۾ مرزا قليچ جو ناول زينت وڏي اهميت رکي ٿو ڇو ته ان ناول لکڻ جا در کولي ڇڏيا. ناول جي تاريخ جي تحقيق کي سمجهڻ کان پهريان اچو ته ناول جي فني خوبين تي نظر وجهون-

### (الف) ناول جون فني خوبيون-



(i) ڪردارنگاري-

ناول ۾ ڪردارنگاري جا طريقا آهن. پهريون طريقو جي مطابق ڪردار پاڻ پنهنجي خيالن جو ترجمان هوندو آهي. ٻئي طريقي ۾ وري ناول نگار قلم جي ذريعي ڪردار کي بيان ڪري ٿو.

(ii) دلچسپي جو عنصر:

ناول جو اهم مقصد پڙهندڙن کي ڪجھ گهڙيون لاءِ راحت ۽ فرصت ڏيڻ هوندو آهي ان لاءِ دلچسپي جو عنصر هجڻ لازمي هوندو آهي.

(iii) آغاز ۽ انجام:

ان سلسلي ۾ ڪوئي شرط نه آهي. ڪي ناول آغاز کان شروع ٿيندا آهن نه ڪي وري انجام کان. پر ترجيح وچ کان شروعات کي ڏيندي آهي جو نه دلچسپي وڌندي آهي.

(iv) خاص مقصد.

ناول ڪنهن خاص مقصد لاءِ لکيا ويندا آهن. انهن ۾ هڪ خاص مقصد هوندو آهي.

## (ب) نئين صدي ۾ ناول جي تاريخ تي تحقيق.

نئين صدي ۾ ناول جي تاريخ تي تمام گهڻي جاکوڙ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي. ان جي نتيجي ۾ ناول جي تاريخ کي ٽيهن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي.

(i) ناول جو اوائلي دؤر:

انگريزن جي دؤر کي ناول جو بنيادي دؤر چيو وڃي ٿو. هن دؤر کي ترجمي جو دؤر به چيو ويندو آهي. مرزا قليچ بيگ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪيترائي ناول انگريزي تان ترجمو ڪيا. جنهن ۾ ڪنگ ليئر جو ترجمو شهزادو بهرام جي نالي سان ڪيو. ان کان علاوه هن اصلوڪي ناول به لکيو جنهن جو نالو زينت رکيو.

(ii) ناول جو ٻيو دؤر:

هي دؤر سياسي ڪشمڪش جو دؤر هو. هن دؤر ۾ جيڪي ناول لکيا ويا هي سياسي مسئلن بابت هئا. هن دؤر ۾ سياسي ۽ سماجي مسئلن کي ذهن ۾ رکي ڪري ناول لکيا ويا هئا. اهو ئي سبب آهي جو هن دؤر جا ناول صرف ۽ صرف ان وقت جي حالت ۽ جذبات جا ترجمان آهن. هن دؤر جو اهم ناول 'جهان آرا' آهي.

(iii) ناول جو ٽيون دؤر:

هي دؤر آزادي کان بعد جو دؤر آهي. جنهن ۾ گهڻا ناول نگار هندو هئا ۽ ورهاڱي کان پوءِ هو هندستان هليا ويا ان جي ڪري ناول جي ميدان ۾ بحران اچي ويو.

پر بعد ۾ ڪافي وڏن عالمن هن بحران جي ختم ڪيو. جن ۾ آغا سليم جيهن اعليٰ ناول جهڙوڪ آهه اوست، ندواهي ڌرتي، روشن هٿ وغيره جهڙا ناول لکيا- ان کان علاوه امر جليل ۽ تمام گهڻا ناول لکيا-

## نتيجو:

جيڪڏهن هن سڄي بحث کي ڪجهه لفظن ۾ سميٽجي ته ناول هڪ اهم شاخ آهي جنهن ۾ ادب جي- سنڌي ناول به سنڌي ادب جو هڪ مرڪزي جز آهي- نئين صدي جي تحقيق جي مطابق سنڌي ناول کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي جنهن ۾ پهريون دور ترجمي جو ته ٻيو سياسي ڪشمڪش ۽ ٽيون وري آزادي کان بعد جو آهي- هن تحقيق مان ان ڳالهه جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ناول سنڌي ادب جو هڪ اهم حصو آهي-

## سوال ٥ سچل سرمست-

جواب:

### تعارف:

سنڌ جي ڌرتي اڏي عام سڀاڳي آهي جو سنڌ سڪ مان هميشه اعلى ۽ عظيم هستيون جنم ورتو آهن. انهن اعلى هستيون مان هڪ اهم هستي سچل سرمست به آهي- سچل صاحب جو اصل نالو عبدالوهاب هو- پاڻ درازن جي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ جنم ورتو- سچل صاحب جي شاعري ۾ هڪ خاص قسم جو رمز آهي- سنڌ جو شمار اعلى پايي جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو- سچل سرمست جي شاعري ۾ هڪ قسم جو جلال نظر اچي ٿو- جنهن جي ڪري سنڌ جي شاعري ان وقت جي سمجهه ۾ نه آئي ۽ گهڻا عالمن سچل صاحب کي مجنون ۽ ڪن وري ڪافر جو فتوا هڻ ڏنيون آهن- تنهنجي اچو ته سنڌس شاعري ۾ تصوف جو ذڪر ڪيون-

### (الف) ساچل سرمست جي شاعري ۾ تصوف جو عنصر:

ساچل سرمست به لطيف سرڪار وانگر مجازي عشق جي اوڙاهه مان گذري ڪري حقيقي عشق جي طرف رجوع ڪيو-

چو ته مجازي عشق، حقيقي عشق جي پهري ڏاڪڻي هوندو آهي- سنڌس شاعري ۾ جلال جو عنصر هر جاءِ تي ظاهر نظر اچي ٿو- پاڻ فرمائي ٿو-

توڻ الله الله جو ڪرڻ توڻ پاڻ هي
الله جاڻ
سچو سائين هيڪڙو ناهي شڪ گمان-

هن شاعر ۾ سچل سرمست جي اشاره ڏني جو وڏو مثال نظر اچي ٿو- پاڻ فرمائي ٿو ته توڻ الله کي صرف ياد نه ڪر. بلڪ، الله تعالى هر انسان جي اندر آهي- بس توڻ پاڻ کي سمجھ ۽ اپڻائي تي غور ڪر- الله تعالى توکي پاڻ جي اندر کان سواءِ ٻاهر نه ملندو- وڏيهو ڏکي ته ته الله تعالى هڪ آهي ۽ ان ڳالهه تي ڪو به شڪ ۽ گمان نه آهي- هيءَ شاعر ۾ هو الله جي وحدانيت جي تصديق ڪري ٿو-

هيءَ سنڌ فرمائي ٿو-

زاري زاري يار زاري، نال تيڙي تڪ واري
نال ٿساڙي هي ياري يار (ياري) ياري-

هن شعر ۾ سچل صاحب مجازي عشق کي حقيقي عشق سان ملائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي

پاڻ فرمائي ٿو ته پيار ملي محبوب جي نالي تي يڪ دفا زاري پر ٻي شعر ۾ فرمائي ٿو ته نالي تنهنجي سان اسان کي عشق ٿي ويو آهي - سڀ لکي ٿو ته - حقيقي عشق راهه به محبوب جي نالي سان عشق ٿي وينو آهن، جيئن مجنون کي ليلا جي نالي سان عشق ٿي ويو هو.

## تت:

هن سڄي بحث جو نچوڙ هي نڪري ٿو ته سچل سرمست جي شاعري ۾ تصوف جو عنصر ڀرپور پيل آهي. سنڌس جي شاعري جي مطالعي کان پوءِ اسان کي وضع ٿئي ٿو ته سچل صاحب الله تعالیٰ جي وحدانيت سان گڏوگڏ هو الله جي عشق ۽ نبي جي عشق تي هڪ تمام گهڻو ذڪر ۽ فڪر ڪيو آهي. انهوءَ سبب آهي جو سنڌس جي شاعري کي هڪ تصوفي شاعري به چيو ويندو آهي. هن جي شاعري ۾ اسان کي وحدانيت نشانين ۽ عشق جو وڏو درس ملي ٿو. ان جي عري سنڌس شاعري جو ذڪر هميشه زندهه رهندو سنڌ جي تاريخ ۾

سوال 4

## (الف) شاهه عبداللطيف ڀٽائي.

**جواب:**

**تعارف:**

سنڌ جي ڌرتي کي اهو رتبو ۽ امان حاصل آهي جو هن سرزمين تي اهڙن صوفي شاعرن جو جنم ٿيو آهي جن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. انهن شخصيتن ۾ سرفهرست شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي. شاهه صاحب ۾ هڪ آفاقي شاعر جون سڀ خوبيون شامل آهن. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي شاعري کي سمجهڻ لاءِ مشرق توڙي مغرب جا وڏا وڏا عالم رڌل آهن. علامه آءِ آءِ قاضي لکي ٿو ته: "شاهه جو رسالو آدرش ۽ پيغام آهي" ان جو مطلب ته شاهه جو رسالو اڄ جي سموري انسان ذات لاءِ هڪ پيغام ۽ آدرش آهي. هاڻي اچو ته شاهه صاحب جي ڪلام جو مختصر جائزو وٺون.

## (الف) شاهه صاحب جي شاعري جو جائزو.

شاهه صاحب جي شاعري کي مختلف حصن ۾ ورهايو ويو آهي. انهن مان ڪجهه اهم موضوعن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

(1) شاهه صاحب جي ڪلام ۾ وحدانيت جو ذڪر.

شاهه صاحب وحدانيت جو وڏي حامي هو. سندس ڪلام الله تعاليٰ جي وحدانيت جو تمام گهڻو ذڪر رهيو آهي.

مثال.

وحدت تان ڪثرت ٿي، وحدت ڪثرت ڪل.

مطلب هن ڪائنات ۾ گهڻا وجود آهن پر انهن جو بنياد هڪ آهي: الله.

مثال.

وحده لاشريڪ له - اهي هيڪڙو حق.
ٻيائي کي ٻڪ جن ويڙهو سي ورسيا.

(2) شاهه صاحب جي ڪلام ۾ انسانيت جو درس:-

شاهه صاحب جي ڪلام ۾ انسانيت جو درس ملي ٿو. شاهه صاحب فرمائي ٿو.

نمازون، روزا ۽ حج، ٻي پڙ چڱو ڪم
هو ٻيو ڪو فهم جنهن سان پسجي پرين کي.

مطلب ته هو ٻيو فهم خلقي خدمت آهي. جنهن جي ذريعي الله ڌڻي کي راضي ڪري سگهجي ٿو.

(iii) شاهه صاحب جي ڪلام ۾ جدوجهد جو سبق:

شاهه صاحب ماڻهن کي محنت ۽ جدوجهد ڪرڻ ۽ وڌڻ جو درس ڏنو آهي. ٻڌائي فرمائي ٿو.

تتي ٿڌي ڪاهه، ناهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اونهه، پير نه لهين پرين جو

(iv) شاهه صاحب جي ڪلام ۾ قول ۽ فعل ۾ فرق جو ذڪر.

شاهه صاحب ماڻهن کي قول ۽ فعل ۾ فرق نه ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. ٻڌائي فرمائي ٿو.

اندر ڪارو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي
اهڙو ڪهو تاءُ، پڇتي ڇو نه پورا ڪي.

(v) شاهه صاحب جي ڪلام ۾ رواداري جو درس:

شاهه صاحب ڪورن جو مثال ڏيندي رواداري جو سبق ڏئي ٿو. فرمائي ٿو.

هلو هلو ڪورين، نازڪ سڦ جو نهر.
ڪنڌون سارو ڏينهن، ڇڪڻ مور نه سکيا.

(vi) شاهه صاحب جي ڪلام ۾ تاريخي داستان جو ذڪر.

شاهه صاحب جي

ڪلام ۾ تاريخي داستانن جو ذڪر ملي ٿو. شاهه صاحب سمورو قصو بيان نه ڪيو آهي پر. ٿورو ٿورو ذڪر ڪيو آهي جن ۾ سسي پنهون، هير رانجهو وغيره جا قصا شامل آهن -

## تت:

شاهه صاحب جي ڪلام کي پوري طرح سان سمجهڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي. شاهه صاحب جو ڪجهه ڪلام ته وڏن وڏن شاعرن ۽ اديبن کي به صحيح طرح سمجهه ۾ نه آيو آهي. پر ان جي باوجود به شاهه صاحب جي ڪلام ۾ انسان کي وحدانيت جو ذڪر ملي ٿو. ان کان علاوه ان ۾ انسان کي انسانيت ۽ پيار ۽ محبت جو درس ملي ٿو. مطلب شاهه صاحب جي هستي نه نه الف کان اڳ ۾ جنم ورتو هو ۽ نه وري ان کان پوءِ ۾ جنم وٺندي. شاهه صاحب هڪ بي مثال شاعر آهي ۽ هميشه رهندو -

## سوال 8

## جواب

### تعارف:

سنڌي شاعري سنڌي ادب ۾ هڪ مرڪزي اهميت رکي ٿي. سنڌي شاعري جو دارو مدار تمام گهڻو وسيع ۽ ڪشاده آهي. ان جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌي شاعري ايترو ته قديم آهي جيترو قديم آهي سنڌ جي تاريخ. سنڌي شاعري ۾ انسان جي هر موضوع تي شاعر ملن ٿا، جن ۾ وحدانيت، عشق، پيار ۽ محبت شامل آهن. سنڌي شاعري ايتري ته اعلى پائي جي آهي جو ان جهڙا مثال ملڻ تمام گهڻو مشڪل آهي. هاڻي اچو ته سنڌي شاعري جي تاريخ جو مختصر جائزو وٺون.

### (الف) سنڌي شاعري جي تاريخ تي تفصيلي نوٽ:

سنڌي شاعري جي تاريخ کي هيٺين حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(1) سنڌي شاعري جو اوائلي دور:

سنڌي شاعري جو اوائلي دور اسان سومرن جي دور کي چئي سگهون ٿا. هن دور ۾ به سنڌي شاعري پنهنجي عروج تي هئي. هن

دؤر ۾ گهڻو ڪري غيرعروضي شاعري ڪئي ويندي آهي. ان کان علاوه جنگين جي موضوعن تي به ڪافي شاعر ملن ٿا هن دؤر ۾.

(ii) سنڌي شاعري جو ٻيو دؤر:

ٻيو دؤر ۾ سمن ۽ ارغونن جو دؤر شامل آهي. هن دؤر جو وڏو شاعر قاضي قادن هو. قاضي قادن جو شعر آهي.

پڙهندو پڙهي ويو عزوين تک قرآن
لکي لوڪ نه سکيو پاڻي نڌر پاڻ ـ

(iii) سنڌي شاعري جو ٽيون دؤر

سنڌي شاعريءَ جي هن دؤر ۾ ڪلهوڙن جو دؤر اچي ٿو. هي دؤر سنڌي شاعريءَ جو سونهري دؤر به چيو ويندو آهي. ڇو ته هن دؤر ۾ سنڌ جي شاعرن جي سرتاج شاهه لطيف جو جنم ٿيو هو.

شاهه صاحب جو شعر ـ

پڙاڏو سوئي سڏ، ور وائي جو ٻڌين
هُما آهي گڏ پر ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا ـ

(iv) سنڌي شاعري جو چوٿون دؤر ـ

ٽالپرن جي دؤر کي

سنڌي شاعري جو چوٿون دور چئي
سگهجي ٿو. هن دور ۾ سچل سرمست
۽ حمل فقير وڏا شاعر ٿي گذريا آهن.
حمل فقير

ڪانگ ڪنين جي ڪانگ ٿا ڪاهو ڪڍون ڪن جون
نه ته ڪر ڪانگ ڪير اسين ڪيڏون ڪانگ ڪن
جو. اسين هلان آتامزا ڪيڏون نه ڪنهن ڪان
سارو ساجن ڪانڌ نه ڪاٿو ڪيڏون ڪجن.

(٧) سنڌي شاعري جو پنجون دور.
هن دور کي انگريزن
جو دور به چيو ويندو آهي. هن دور
۾ به ڪافي وڏا وڏا شاعر جهڙوڪ
مرزا قليچ ۽ ٻيا به ڪيترائي وڏا شاعر
ملن ٿا. هن دور ۾ به سنڌي شاعري
تمام گهڻي ترقي ڪئي.

(١٧) سنڌي شاعريءَ جو موجوده دور.
موجوده دور کي سڄي
شاعري جو آخري دور چئي سگهجي ٿو.
هن دور ۾ انسان کي شيخ اياز
۽ استاد بخاري جهڙا وڏا شاعر
ملن ٿا. هنن شاعرن سنڌي شاعري
کي نواڻ بخشي ۽ ڪسي هڪ اعلى
درجو عطا ڪيو. هن شاعرن

سنڌي شاعري تمام گهڻي ترقي ڪئي ـ
شيخ اياز ـ

جان خدا کان نه ٿي جانءِ امڪان
۾ سان گڏ آهي انسان ۾
عشق تنهنجو اياز آسمان سان هو
جون ٿانءُ ڪين ريان ۾ ـ

## نت :

هن سڄي بحث جو حاصل مطلب
هي آهي ته سنڌي شاعري تمام گهڻي
قديم آهي ـ هن کي ڪجهه حصن ۾ ورهائي
ڪري سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي
پر اهي ته به سنڌي شاعريءَ جي تاريخ سان
مڪمل انصاف ٿي نه سگهيو آهي جو ته
سنڌي شاعري اهڙي معيار جي آهي جنهن
جو مثال ملڻ تمام گهڻو مشڪل آهي.